
هفتيوار رسالو:348
WEEKLY BOOKLET:348

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“
جي هڪ قسط بنام

# بني اسرائيل
# جي تباهي جا سبب

( SINDHI )




08 دين جا ڪ حصا ضايع ڪري ڇڏيا

10 عراق جي مسلمانن جي دل ڏڪائيندڙ داستان

12 قُرطبه جي جامع مسجد ۾ نماز تي پابندي

16 مُحدّث اعظم پاڪستان جي انفرادي



شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

ڇاپو پهريون: شوال 1445 هـ اَپريل 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايه ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل مواد بنام

# بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

بني اسرائيل جي تباهي جا سبب ........................ 1
دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................ 1
والد صاحب جي ترڪيب ٻڌي ته گهر ۾ مدني ماحول بڻجي ويو ........................................ 1
مدني چينل ........................................ 3
جڏهن مون کي مدني چينل ڏسڻ جي سعادت ملي .......... 7
بني اسرائيل جي تباهي جا سبب ........................ 9
دين جا ٻه حصا ضايع ڪري ڇڏيا ........................ 11
ويچارو مسلمان! ........................................ 12
اولاد کي سنتون سيکاريون نه ته پڇتائيندا .................. 13
عراق جي مسلمانن جي دل ڏڪائيندڙ داستان ............. 14
جاءِ نماز ۾ گانا باجا! ........................................ 15
ڪوفي جي جامع مسجد ۾ جمعو ناهي ٿيندو! ............. 16
سيءُ ڏاڙهي ڪوڙيل ........................................ 16
شهادت جي خوشي عورتن جو ناچ ........................ 17
قُرطبہ جي جامع مسجد ۾ نمازتي پابندي آهي ............ 18
”مسجد ڀريو تحريڪ“ هلايو ........................................ 20
انفرادي ڪوشش جي برڪت ........................ 22
محدث اعظم پاڪستان جي انفرادي ڪوشش ............ 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”بني اسرائيل جي تباهي جا سبب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ٻنهي جهانن جي بربادين کان بچاءِ ۽ ان کي والدين سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

پياري آقا، مديني واري مُصطفٰی صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي انسانو! بيشڪ بروزِ قيامت ان جي دهشتن (يعني گهٻراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن مون تي دُنيا ۾ ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.

(مسندفردوس، 277/5، حديث:8175)

## والد صاحب جي ترڪيب ٻڌي ته گهر ۾ مدني ماحول ٺهجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! صرف نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو رجحان چو؟ جنهن شخص جي گهر ۾ وڏيڪ هلي ٿي ان تي تَوَجُّه جي وڏيڪ ضرورت آهي جيڪڏهن اهو ترڪيب ۾ اچي ويو ته گهر جي اندر تيزي سان ديني ماحول ٺهجي سگهي ٿو ۽ سڄي خاندان ۾ نمازن ۽ سنتن جون بهارون اچي سگهن ٿيون ان ڳالهه جي تصديق هن مدني بهار مان بہ لڳائي سگهجي ٿي

جئين پنجاب (پاڪستان) جي ضلع قصور جي تعلقي پتوڪي جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته معاشري جي ڪيئي گهرن وانگر اسان جي گهر ۾ به T.V تي فلمون ڊراما ۽ خوب گناهن ڀريا پروگرام ڏٺا ويندا هئا، هاڻي اهڙي مَنحوس صورتحال ۾ گهر ۾ سنتن ڀريو ديني ماحول ڪيئن بڻجي سگهي ٿو! سڀ کان پهريان خوش قسمتي سان منهنجو وڏو ڀاءُ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيو، هُو اسان کي گهڻو سمجهائيندو هو، ڪيترا ئي دفعا انفرادي ڪوشش به ڪيائين پر اسان تي ڪو اثر نه ٿيو، گهر ۾ T.V جي موجودگي تي به اسان جو ڀاءُ پريشان هو، چاڪاڻ ته گهر جي اندر سنتن ڀريي ديني ماحول جي راهه ۾ ٽي وي سڀ کان وڏي رڪاوٽ هئي، هُو ان کي ڪڍڻ چاهيندو هو پر ڪجهه نه ڪري سگهندو هو ڇو ته گهر ۾ صرف والد صاحب جي هلندي هئي. هڪ ڏينهن اسان گهر وارا رات جو T.V ڏسي ڪري اجا فارغ مس ٿياسين ته ڀاءُ آيو انهن ٽيپ ريڪارڊ تي مَڪتبةُ المدينه جي جاري ڪيل سنتن ڀري بيان جي هڪ ڪيسٽ لڳائي، بيان جو انداز نهايت دلچسپ هو، تنهنڪري اسان ان کي وڏي توجهه سان ٻڌڻ لڳاسين، ان بيان ۾ مُبَلِّغ جڏهن T.V جون تباهه ڪاريون بيان ڪيون ته اسان سڀئي آخرت خراب ٿيڻ جي ڊپ کان گهٻرائجي وياسين، خاص ڪري والد صاحب ته خوف جي ڪري ڏڪڻ

لڳو، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ والد صاحب وڏي آواز سان پنهنجو فيصلو ٻڌايو: هاڻي هن گهر ۾ T.V نہ هلندي، سيئي گهر وارا انهي وقت چت تي ويا ۽ ٽي وي انٽينا پَڃي اچلائي ڇڏي ۽ گهر مان T.V ڪڍي ڇڏي، ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ منهنجي ننڍي ڀاءُ والد صاحب سان ٻيهر T.V وٺڻ جو مطالبو ڪيو تہ والد صاحب پرجوش لهجي ۾ فرمايو: هاڻي هن گهر ۾ T.V رهندي يا مان. هي ٻڌي ڪري ڀاءُ "چپ" ٿي ويو، ائين دعوت اسلامي جي برڪت سان اَلحَمدُالله اسان جو گهر فلمن ڊرامن ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي نحوستن ڪان پاڪ ٿي ويو ۽ سڄو گهر دعوت اسلامي جي مهڪندڙ مهڪندڙ ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو .

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چُھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
سلامت رہے یا خدا دینی ماحول | بچے بد نظر سے سدا دینی ماحول

(وسائلِ بخشش ص٦٠٢)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني چينل

پيارا اسلامي ڀائرو! هي "مدني بهار" شايد انهن ڏينهن جي آهي جڏهن عالم اسلام جو سؤ فيصد شرعي چينل يعني "مدني چينل" شروع نہ ٿيو هو، ٽي وي جي غير اسلامي نشريات جيئن تہ فلمون ڊراما، ڳانن باجن، عورتن جي نمائش،

موسيقي جي ڌُنن، عورت ۽ موسيقي سان آلوده خبرن ۽ غير اخلاقي پروگرامن کان نہ مان پهريان راضي هيس، نہ هاڻي راضي آهيان، هر باشعور مسلمان هي ڄاڻي ٿو تہ اسان جي معاشري جي تباهي ۾ **T.V** جو اهم ڪردار آهي! دعوت اسلامي جي مُبَلِّغن **T.V** جي تباهہ ڪارين جي خلاف چڱي مهم هلائي، انهن جي ڪاوشن سان ڪجھ نہ ڪجھ ڪاميابي ملي، جنهن جو هڪ ثبوت ذڪر ڪيل مدني بهار ۾ بہ آهي، پر هن دور ۾ شايد هزار مان نو سؤ نوانوي مسلمان **T.V** جا شوقين ٿي چڪا آهن ۽ غالب اڪثريت دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ برائي جي پرواهہ ڪرڻ بغير **T.V** جي غير شرعي ۽ غير اخلاقي نشريات ڏسڻ ۾ مشغول آهن. **T.V** ڏسڻ ۾ انهن جي جنون جي حد تائين دلچسپي جي ڪري شيطان جي سندن ڪردار سان گڏوگڏ اسلامي اقدار تي بہ يلغار آهي، ابليس جي تحريڪ تي اسلام ئي جو جامو پائي ڪري ڪجھ ماڻهو اسلام کي ماڊرن انداز ۾ پيش ڪرڻ جي مَذموم ڪوشش ڪري رهيا آهن اسلام جي حقيقي روح کي مسلمانن جي دلين مان ڪڍيو پيو وڃي، هاڻي اسان مسجد وغيره ۾ **T.V** جون تباهہ ڪاريون بيان ڪندا بہ آهيون تہ ٻڌڻ وارن جو تعداد ڪيترو هوندو آهي؟ چو تہ مشڪل سان 5 فيصد مسلمان نماز پڙهندا هوندا، انهن مان بہ ڪو ڪو مذهبي بيان ٻڌڻ ۾ دلچسپي رکندو هوندو، ۽ اسلامي پيغام

ڪي مسجد جو بيان ڪير ٻڌرائي؟ جيڪڏهن لٽريچر ڇاپجي ته
ديني مطالعي ڪرڻ وارن جو تعداد تمام گهٽ هوندو آهي! انهن
ناموافق حالات ۾ هن ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو ته
مسلمانن جي ان اصلاح جو دائرو جيڪڏهن صرف مسجدن ۽
اجتماعن وغيره تائين محدود رکون ٿا ته اُمّت جي غالب
اڪثريت تائين اسان جو درد پريو ديني پيغام نه پهچي سگهندو
۽ شيطاني قوتون هڪ پاسي پنهنجي مختلف چينلز جي ذريعي
مسلمانن کي گمراهه ڪنديون رهنديون، غالب گمان اِهو هو ته
مسلمانن جي گهرن مان هاڻي T.V ڪڍڻ مشڪل ئي نه بلڪ
ناممڪن لڳي ٿو، بس هڪ ئي صورت نظر آئي اها هي ته
جهڙي طرح درياءُ ۾ سيلاب ايندو آهي ته ان جو رخ فصلن
وغيره ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته جيئن
فصل سيراب ٿين ۽ آبادين کي هلاڪتن کان بچايو وڃي، انهيءَ
طرح T.V جي ذريعي اچڻ واري بي حيائي جي طوفان کي
روڪڻ جي ڪوشش جي لاءِ T.V جي ئي ذريعي مسلمانن جي
گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪجي
۽ گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان انهن کي خبردار ڪجي،
تنهنڪري جڏهن خبر پئي ته پنهنجو T.V چينل کولي فلمن
ڊرامن گانن باجن موسيقي ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي
100 سيڪڙو اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي ته

اَلحَمدُاللّٰه دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ خوب جدوجهد ڪري رَمَضانُ المُبارڪ ۾ 1429ھ مطابق 2008ع ۾ مدني چينل جي ذريعي نيڪين ۽ گهر گهر سنتن جو ديني پيغام پيش ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي يورپي ملڪن سان گڏوگڏ دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ T.V تي مدني چينل هلڻ لڳو ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي هي ستون لکڻ تائين دنيا جي ڪيئي ملڪن ۾ مدني چينل هلي رهيو آهي ۽ ائين دعوت اسلامي جو مدني پيغام پهچي چڪو آهي، اَلحَمدُاللّٰه ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا اچڻ لڳا آهن، يقيناً ان جي برڪت تہ پار بہ سمجهي سگهي ٿو تہ جيستائين مدني چينل گهر يا دفتر وغيره ۾ آن رهندو گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين مسلمان بين گناهن پريل چينلن کان بچيل رهندا! اَلحَمدُاللّٰه مدني چينل سؤ فيصد اسلامي چينل آهي، نہ ان ۾ ميوزڪ آهي نہ ئي عورت جي نمائش، ان تي ڪاروباري اِشتِهار (ايڊورٽائز) بہ نہ ڏني ويندي آهي، اَلحَمدُاللّٰه ان جا اخراجات مُخَيِّر مسلمانن جي عَطيات (Donations) سان پورا ڪيا ويندا آهن، مدني چينل ڇا آهي؟ هن ۾ فيضان قرآن، فيضان حديث، فيضان صحابہ ۽ فيضان اولياءِ جا معلوماتي روح ڪي وڻندڙ سلسلا آهن، هن ۾ تلاوتون، نعتون، مَنقبتون دعوت اسلامي جون مدني خبرون ۽ مدني خاڪا آهن، دعا ۽ مناجات ۾ آھ زاري جا دل تڙپائيندڙ ۽ عشق رسول ۾

روئڻ روئارڻ وارا رقت انگيز منظر آهن، دارُالاِفتاءِ اهلسنت، روحاني علاج، سنتن ڀريا مدني گل ۽ آخرت بهتر بڻائڻ واريون مدني بهارون آهن، هن ۾ سنتن ڀريا اجتماع، مدني مذڪرا، مدني مڪالما، صبح جي وقت کُھلے آنکھ صل علیٰ کہتے وغيره، ڪيترائي سلسلا براءِ راست (LIVE) بہ ڏيکاريا ويندا آهن. مطلب تہ مدني چينل هڪ اهڙو چينل آهي جو ان جي ذريعي انسان گهر ويٺي بہ گهڻو علمِ دين سکي سگهي ٿو! مدني چينل جي مدني بهارن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! اَلحَمدُالله مدني چينل کي ڏسي ڪري ڪيترن ئي غير مسلمن کي ايمان جي دولت نصيب ٿي وئي آهي، ۽ ڪيترائي ”بي نمازي“ نمازي بڻجي ويا، ڪيترن ماڻهن گناهن کان توبہ ڪري سنتن ڀري زندگي جو آغاز ڪري ڇڏيو هڪ مدني بهار ملاحظہ فرمايو:

## جڏهن مون کي مدني چينل ڏسڻ جي سعادت ملي

سردار آباد (فيصل آباد پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان هڪ آواره جهڳڙالو نوجوان هئس، اخلاق تہ ايترا ڪِريل هئا جو بدنگاهي ڪندي کو شرم محسوس نہ ٿيندو هو، نہ ڪنهن کي سلام ڪرڻ گوارا هو نہ ئي ڪنهن جو احترام ڪندو هئس، مطلب تہ راهِ سنت کان تمام پري گناهن جي گپ ۾ ڦاٿل هيس، آخرڪار

رحمتن پري هوا منهنجي اڳڻ جو رخ  ڪيو، ٿيو ائين جو خوش قسمتي سان هڪ پيري مون کي مدني چينل ڏسڻ جي سعادت ملي وئي، خدا جو شان جو مون گناهن سان لٿڙيل انسان کي ايترو پسند آيو جو مان روزانو ان جا مختلف مدني سلسلا ڏسڻ لڳس، مدني چينل ڏسڻ جي سڀ کان پهرين برڪت اها ظاهر ٿي تہ اَلحَمدُلِلّٰه مان نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد وڃڻ لڳس، هتي هڪ ڏينهن منهنجي ملاقات هڪ عاشق رسول، سنتن جي پيڪر، مبلغِ دعوتِ اسلامي سان ٿي ان سان ملي ڪري منهنجي دل کي گهڻو سڪون مليو، اهو اسلامي ڀاءُ هڪ ڏينهن منهنجي دڪان تي تشريف وني آيو ۽ انهن مون کي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي، ان جي نيڪي جي دعوت جي برڪت سان مان پهريون ڀيرو دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، اتي ٿيندڙ تلاوت، نعت شريف، سنتن ڀريو بيان، ذِڪرُاللّٰهُ جون صدائون ٻڌي مون کي تمام گهڻو مزو آيو، اجتماع جي آخر ۾ ٿيندڙ رقت انگيز دعا مون کي ايتري تہ سٺي لڳي جو مان دعوت اسلامي کي دل ڏئي ويٺس، هاڻي منهنجي حالت اهڙي ٿي وئي جو جتي سبز عمامي ۽ سفيد لباس ۾ ملبوس عاشقانِ رسول نظر ايندا هئا منهنجون اکيون ٺڏيون ٿي وينديون هيون، ڀوءِ ديني ماحول جي برڪت سان اَلحَمدُلِلّٰهُ مون پنهنجي چهري تي سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي

محبت جي نشاني ڏاڙهي شريف بہ سجائي ورتي، الله پاڪ جي رحمت سان رَمَضانُ المُبارڪ (1430) ۾ دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري 30 ڏينهن جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت ملي، پنهنجي ٻن پائيٽن کي مدرَسةُ المدينہ ۾ قرآن حِفظ ڪرڻ جي لاءِ داخل ڪرايو، مون پنهنجي دڪان تي فيضان سنّت جو درس بہ شروع ڪري ڇڏيو آهي الله پاڪ دعوت اسلامي کي ڏينهن رات ترقي عطا فرمائي جنهن اهڙو پيارو "مدني چينل" کوليو جيڪو مون جهڙي گناهگار جي اصلاح جو ذريعو ٿيو، منهنجي ننڍن ننڍن ٻارن کي "مدني چينل" ڏسڻ جي برڪت سان شايد ايتري معلومات آهي جيڪا مون کي اڄ هن عمر ۾ اچي ملي آهي. "واھ! ڇا ڳالھ ڪجي مدني چينل جي!"

مَدنی چینل سُنّتوں کی لائیگا گھر گھر بہار
مَدنی چینل سے ہمیں کیوں والِہانہ ہو نہ پیار

مَدنی چینل کی مُہِم ہے نفس و شیطاں کے خلاف
جو بھی دیکھے گا کریگا اِن شاءَاللہ اِعتراف

راہِ سنّت پر چلا کر سب کو جنّت کی طرف
لے چلے بس اِک یہی ہے مَدَنی چینل کا ہَدَف

(وسائل بخشش، ص605)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بني اسرائيل جي تباهي جا سبب

حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جو ارشاد عبرت بنياد آهي: بني اسرائيل ۾ جيڪو سڀ کان پهريون (دين ۾) نقصان آيو اهو هي هو تہ

هڪ شخص ٻئي سان ملندو ۽ (ڪنهن گناهه ڪي ڏسي ڪري) ان کي چوندو: الله پاڪ کان ڊڄ ۽ ائين نه ڪر ڇوته هي تنهنجي لاءِ حلال ناهي، اڳئين ڏينهن ان کي گناهه ڪندي ڏسڻ باوجود اهو ان سان گڏ پنهنجي تعلق، کائڻ پيئڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جي ڪري ان کي منع نه ڪندو هو، جڏهن (عام طور تي) انهن ائين ڪيو ته الله پاڪ سندن دليون هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيون. (يعني نافرمانن جي نحوست سان فرمانبردارن جون دليون به انهن جهڙيون ٿي ويون) پوءِ حضور سروَرِ ڪائناتصَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تائيد ۾ قرآن شريف جون هي آيتون پڙهيون:

لُعِنَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِیْسَى ابْنِ مَرْیَمَؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا یَعْتَدُوْنَ(۷۸) كَانُوْا لَا یَتَنَاهَوْنَ عَنْ مُّنْكَرٍ فَعَلُوْهُؕ لَبِئْسَ مَا كَانُوْا یَفْعَلُوْنَ(۷۹)

(پ: 6، المائدة: 78-79)

**ترجمو ڪنزالعرفان**: بني اسرائيل مان ڪفر ڪرڻ وارن تي داؤد ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني لعنت ڪئي وئي. هي لعنت ان سبب هئي جو انهن نافرماني ڪئي ۽ اهي سرڪشي ڪندا رهندا هئا. اهي هڪٻئي کي ڪنهن به بُري ڪم کان منع نه ڪندا هئا جيڪو اهي ڪندا هئا بيشڪ اهي ڏاڍا برا ماڻهو هئا.

پوءِ سرڪار مدينه صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله جو قسم! توهان ضرور نيڪي جو حڪم ڏيندا رهو ۽ گناهن کان منع ڪندا رهو، ۽ ظالم کي ظلم کان روڪيندا رهو ۽ ان کي حق ڳالهه ڏانهن ڇڪي آڻيندا رهو، نه ته الله پاڪ توهان جون دليون

انهن جهڙيون ڪري ڇڏيندو ۽ توهان تي به لعنت فرمائيندو، جيئن انهن تي لعنت فرمائي. (السنن الکبریٰ للبيهقي ج 10 ص 159 حديث 20196، ابوداؤد ج 4 ص 162، 163 حديث 4336، 4337)

بيان ڪيل حديث پاڪ جي حوالي سان ”مِراۃُ المَناجِيح“ ۾ آهي: سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُمّت جي حڪومتي عهديدارن ۽ عالمن کي خبردار ڪيو تہ توهان کي ان طريقي ڪار کان بچڻو پوندو ۽ بُرائي جي اِرتڪاب ڪرڻ وارن جو هٿ روڪڻو پوندو، مُنافَقَت ۽ مُداهَنَت (برائي متائڻ جي قدرت جي باوجود لالچ يا جانب داري جي ڪري خاموش رهڻ) سان ڪم وٺڻ جي بدران غيرت ايماني جو مظاهرو ڪرڻ ۽ اَمرٌ بِالمَعرُوف وَنَهْیٌ عَنِ الْمُنْکَر جي متعلق پنهنجي ذميدارين کي پورو ڪرڻو پوندو، ظالم جو هٿ روڪي ڪري ان کي راهِ حق تي آڻڻو پوندو نہ تہ اوهان بہ بني اسرائيل جيان لعنت جا حقدار ٿيندؤ. (مراة المناجيح ج 6 ص 513)

یاخدا! نیکیوں سے الفت نیکیوں سے پیار دے
جو کرے بدیوں سے نفرت وہ دل اے غفّار دے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دين جا ٻہ حصا ضايع ڪري ڇڏيا

مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جي خدمت بابرڪت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: مان ٻن ڪمن کان سواءِ ڀلائي جا سمورا ڪم ڪيان ٿو، فرمايائون:

اهي ڪهڙا ڪم آهن؟ عرض ڪيائين: ﴿1﴾ مان ڪنهن کي نيڪي جو حڪم نہ ڏيندو آهيان ﴿2﴾ ڪنهن کي برائي کان نہ روڪيندو آهيان، ارشاد فرمايو: تو دين جا ٻہ حصا ضايع ڪري ڇڏيا هاڻي الله تعاليٰ چاهي تہ تنهنجي مغفرت فرمائي يا توکي عذاب ۾ مبتلا ڪري ڇڏي.

(احكام القران للجصاص ج 2 ص 612)

اللہ میں دیتا ہی رہوں نیکی کی دعوت

ایسا مجھے جذبہ دے پئے شاہِ رسالت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ويچارو مسلمان!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نيڪي جي دعوت کان پري رهڻ وارو ۽ ٻين کي برائي کان منع نہ ڪرڻ وارو تمام گهٽي نقصان ۾ آهي، اڄ سڄي دنيا جي مسلمانن جي اڪثريت جي حالت جيڪا آهي اها ڪنهن کان لڪيل ناهي، هر پاسي بي عملي عام آهي، عام طور تي ڪوبہ ڪنهن کي خطائن تي ٽوڪڻ جي لاءِ تيار ناهي، مسلمان عملي طور تنزلي جي اونهيءَ کڏ ۾ تيزي سان ڪِرندو پيو وڃي، پاڪ ۽ هِند جي مسلمانن جي حالت تہ شايد وري بہ غنيمت آهي ٻين اسلامي ملڪن ۾ وڃي ڏسو تہ مسلمانن جي حالت ڏسي رت جا ڳوڙها روئندا پوءِ بہ گهٽ آهي.

## اولاد کي سنتون سيکاريو نہ تہ پڇتائيندا

اَلحَمدُلله رَجَبُ المُرَجَّب 1406ھ تي سگِ مدينہ عُفِيَ عنه کي ڪربلا مُعَلّيٰ بغداد شريف وغيره مُقدّس شهرن جي حاضري جي سعادت نصيب ٿي، پر افسوس! هتان جي مسلمانن جي حالت زار بيان ڪرڻ سان زبان ۽ قلم قاصر آهن، تنهن هوندي بہ ڪجھ ڳالهيون عرض ڪيان ٿو تہ جيئن اسان الله پاڪ جي قهر ۽ غضب کان ڊڄون ۽ الله پاڪ ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃون، نہ تہ اسان جو اچڻ وارو نسل اهڙو تباھ ۽ برباد ٿيندو جو تباهي ۽ بربادي بہ ان کي ڏسي ڪري ڏکي پوندي! چوتہ حالتون ئي ڪجھ اهڙيون آهن، موجوده تعليمي ادارا ۽ ان جو ماحول، والدين جي صرف اها ڌن تہ ٻار پڙهي لکي ڪري پورو ماڊرن ٿئي ۽ خوب دولت ڪمائي آڻي، جيتوڻيڪ مغربي تهذيب جو شوقين ٻار جوان ٿي ماءُ پيءُ کان منهن ڦيري يا جواني اچڻ کان پهريان موت ٻار کي اچي سنڀالي ۽ والدين جا ان جي ڪمائي کائڻ جا خواب اڌورا رهجي وڃن ۽ اسان جو ميڊيا (Media) بہ اسلام جي سونهري اصولن تي لاڳيتو ضربون لڳائي رهيو آهي، جيڪڏهن اها حالت رهي تہ ايندڙ نسل جي هلاڪت کان بچڻ جي بظاهر ڪا صورت نظر نٿي اچي.

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وَقتِ دُعا ہے　　اُمّت پہ تِری آکے عَجب وقت پڑا ہے

جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے
پردیس میں وہ آج غریبُ الغُرَبا ہے
وہ دین ہوئی بزمِ جہاں جس سے فَروزاں
اب اُس کی مجالس میں نہ بتّی نہ دِیا ہے
ڈر ہے کہیں یہ نام بھی مٹ جائے نہ آخر
مدّت سے اِسے دَورِ زماں مَیٹ رہا ہے
فریاد ہے اے کشتیٔ اُمّت کے نگہباں
بَیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عراق جي مسلمانن جي دل ڏکائيندڙ داستان

هاڻي عراق شريف جي ڪجھ ڏينهن جي سفر جي متعلق ڪجھ اهي ڳالهيون بيان ڪيان ٿو جنهن سان اسلام جو درد رکڻ وارن جو جگر ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو، اسان ٿي اسلامي ڀائر عراقي جهاز ۾ ڪراچي جي بين الاقوامي هوائي اڏي تان سوار ٿياسين، پرواز ۾ ٻه ڪلاڪ دير ٿي، اُڏام دوران نماز مغرب جو وقت ٿي ويو، جهاز ۾ ئي اذان ڏئي اسان ٽنهي جماعت قائم ڪئي، نماز کان فارغ ٿي جڏهن اسان پنهنجي نشستن ڏانهن ورياسين ته عراقي مسافر اسان کي نهايت حيرت سان ڏسي رهيا هئا ۽ نماز پڙهڻ تي قبوليت ۽ برڪت جي دعا سان نوازي رهيا هئا، جيئن اسان ڪو وڏو ڪمال ڪيو هجي! ان سان اسان تي اهو تاثر قائم ٿيو ته غالباً هي ماڻهو نماز ناهن پڙهندا پر نماز کي پسند ضرور ڪن ٿا ۽ عراق شريف ۾ وڃي ڪري

مسجدون خالي ڏسي اهو ئي اندازو ٿيو تہ شايد هزار عراقي مسلمانن مان ڪو ڪو مسلمان نماز پڙهندو هوندو!!

## جاءِ نماز ۾ گانا باجا!

اسان جڏهن عُرُوسُ البِلاد بغداد شريف جي بين الاقوامي هوائي اڏي تي لٿاسين ۽ عشاء جي نماز جي لاءِ هوائي اڏي (AIRPORT) ئي تي هڪ جاءِ نماز ۾ داخل ٿياسين تہ اوهان مڃو يا نہ مڃو ان جاءِ نماز جي اندر ڇت ۾ اسپيڪر لڳل هو ۽ باقاعدا موسيقي سان گانو هلي رهيو هو!! جي ها، اها جڳهہ نماز جي لاءِ مخصوص هئي ۽ ان جي ٻاهر وڏن اکرن ۾ لکيل هو: هٰذا بيتُ الله يعني ”هي اللّٰه جو گهر آهي“ اسان حيران ٿي وياسين، اسان اجنبي مسافر هئاسين دل ۾ برو سمجهڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ پئي ڪري سگهياسين!! اهڙي موقعي تي برائي کان روڪڻ تي جيڪو قادر نہ هجي ان کي گهرجي تہ ان برائي کي گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ ضرور برو ڄاڻي جيئن حديث شريف ۾ آهي: ”جڏهن زمين تي گناهہ ڪيو وڃي تہ جيڪو اتي موجود هجي پر ان کي برو ڄاڻي ٿو تہ اهو ان جي مِثل آهي جيڪو اتي ناهي ۽ جيڪو اتي ناهي پر ان تي راضي آهي اهو ان جي مِثل آهي جيڪو اتي حاضر آهي.“

(سنن ابي داؤد ج 4 ص 166 حديث 4345)

کیا تماشا ہے کہ اب ناقہ سُوارانِ عرب　　پیروی کرتے ہیں یورپ کے حُدِی خوانوں کی

## ڪوفي جي جامع مسجد ۾ جمعو ناهي ٿيندو!

افسوس! ڪوفي جي اها جامع مسجد جنهن جي ويجهو حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المُرتضيٰ شير خدا رضی اللہ عنہ جي مزار شريف آهي، هتي زيارت جي لاءِ اسان جمعي جي نماز جي وقت حاضر ٿياسين، زائرين جو وڏو هجوم هو، معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ هتي ڪا نماز ناهي پڙهائي ويندي ايستائين جو جمعي جي نماز بہ ناهي پڙهي ويندي آهي.....!!

## سڀ ڏاڙهي ڪوڙيل

بغداد مُعلّي ۾ اسان کي ان ڳالھ جو شدت سان احساس ٿيو تہ هتي جا مسلمان مسلماني شَعائِر کان اڻ واقف ٿي چڪا آهن چاڪاڻ تہ عام طور تي ڪو مقامي ماڻهو ڏاڙهي رکي ئي نٿو ايستائين جو امام ۽ مُؤَذِّن وغيره بہ سڀ ڏاڙهي ڪوڙ هئا!! جيئن تہ اسان ٽئي ڏاڙهي وارا ۽ باعمامہ هئاسين، بغداد مُعَليٰ جي گهٽين ۾ جڏهن اسان نڪرندا هئاسين تہ ماڻهو اسان کي نهايت حيرت سان ڏسندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ نوبت هي بہ آئي جو اسان کي گهيري ڪري تَعَجُّب وچان سوال ڪندا هئا: هَلْ اَنْتُمْ مُسْلِمُوْن؟ ڇا توهان مسلمان آهيو؟ جڏهن اسان اقرار ڪندا

هئاسين تہ اَلْحَمْدُلِلّٰهِ نَحْنُ مُسْلِمُوْن يعني اَلحَمدُالله اسان مسلمان آهيون تہ اهي خوش ٿي ڪري اڳتي گذري ويندا هئا.

## شهادت جي خوشي عورتن جو ناچ

هڪ پيري ”بابُ الشيخ“ يعني شهنشاهِ بغداد، حضور غوث اعظم رحمۃ اللہ علیہ جي مزار پُر انوار واري گهٽي ۾ هڪ نهايت بيهودو ۽ شرمناڪ منظر هو، خوب دهل وڄي رهيو هو، شرنائين جو شور هو ۽ ڪافي ماڻهن جو هجوم هو ۽ وچ ۾ بي پردا عورتون نچي رهيون هيون ۽ ڪجهہ ماڻهو جنازو ڪلهن تي کڻي هلي رهيا هئا، ان منظر تي اسان کي وڏي حيرت ٿي، معلوم ڪرڻ تي خبر پئي تہ هتي اهو دستور آهي تہ جڏهن ڪو مسلمان عراق ۽ ايران جي جاري جنگ ۾ (جيڪا انهن ڏينهن ۾ هلي رهي هئي) شهيد ٿيندو آهي تہ ان جا عزيز ان شهيد جي لاش کي حضور غوث اعظم رحمۃ اللہ علیہ جي روضي پاڪ تي حاضري جي لاءِ کڻي ايندا آهن ۽ ان مرد مجاهد جي ”شهادت جي خوشي ۾“ ان جي خاندان جون عورتون اهڙي طرح روڊن تي ناچ ڪندي جنازي سان گڏ وينديون آهن...!!

درسِ قرآن اگر ہم نے نہ بھلایا ہوتا    یہ زمانہ نہ زمانے نے دِکھایا ہوتا

## قُرطُبہ جي جامع مسجد ۾ نماز تي پابندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! عراقي مسلمان جو حال ڏسي ڪري دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي، ڪاش هتي بہ ڪا اهڙي ديني تحريڪ هجي جيڪا نيڪي جي دعوت عام ڪري ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر اتي سنّتن جو دور موٽي اچي ۽ مسلمانن جي وڃايل شان ۽ شوڪت واپس ملي، قُرطُبہ (اسپين) ۾ جڏهن عيسائي مذهب ڦهليو تہ انهن هتي ڪَلِيسا (يعني گرجا) تعمير ڪيو، جڏهن مسلمانن قُرطُبہ فتح ڪيو تہ انهن هتي ڪَلِيسا ڪي صلح جي شرطن مطابق ٻن حصن ۾ ورهايو، هڪ حصو مسلمانن بدستور "ڪَلِيسا" رهڻ ڏنو ۽ ٻيو حصو "مسجد" بڻائي ڇڏيو، پر جڏهن قُرطُبہ مسلمانن جو دارُالسَّلطنت (Capital) قرار ڏنو ويو ۽ هتي جي آبادي تيزي سان وڌي تہ مسجد جو حصو نمازين جي لاءِ تنگ ٿي ويو ايستائين جو جڏهن عبدالرَّحمٰن اَلدَّاخِل جي حڪومت آئي تہ ان جي سامهون جامع مسجد جي توسيع جو سوال آيو، ڪَلِيسا ڪي مسجد ۾ شامل ڪرڻ بغير توسيع ممڪن نہ هئي، تنهنڪري عبدالرَّحمٰن اَلدَّاخِل عيسائين کان زمين خريدي ورتي، وسيع زمين حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهن جامع مسجد قُرطُبہ جي نئين سر تعمير شروع ڪئي، مسجد جو

نقشو عظيم الشان هو، ان کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ وڏي عرصي جي ضرورت هئي، پر عبدالرحمٰن الدَّاخِل تعمير شروع ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن ۾ ئي (172 ھ) ۾ فوت ٿي ويو ان کان پوءِ ان جي پٽ هشام تعمير جاري رکي، بعد ۾ بني اميہ ان مسجد ۾ وڌيڪ ڪشادگي ڪندا رهيا، ايتري تائين جو تعميري ڪم جو اختتام تقريباً 392 ھ بمطابق 1002ع ۾ ٿيو، اهڙي طرح قُرطُبہ جي تاريخي جامع مسجد جي تعمير ۾ ڪم و بيش ہ سؤ سال جو عرصو لڳو، قرطبہ جي عظيم الشان مشهور جامع مسجد کي جيتوڻيڪ تاريخي آثار جي حيثيت سان باقي رکيو ويو آهي پر صد ڪروڙ افسوس! مسلمانن جي بد اعمالين جي سبب اتي نماز پڙهڻ تي پابندي آهي، ها سَياح (Tourist) صرف ڏسڻ لاءِ اچي سگهن ٿا.

## 18 سالن کان گهٽ عمر جي نوجوانن جو مسجد ۾ داخلا بند آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان جي گناهن جي نحوست وڌندي پئي وڃي، دنيا جي هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي مسلمانن جي آبادي 90 سيڪڙو ٻڌائي ويندي آهي، اُتي بي عملي جو اهڙو زبردست سيلاب اچي ويو آهي جو هاڻي رَجَبُ المُرَجَّب 1432ھ جون 2011ع جي هڪ اخباري رپورٽ مطابق 18 سالن

ڪان گهٽ عمر جي نوجوانن جي لاءِ مسجد ۾ نماز پڙهڻ تي قانوني طور پابندي عائد ڪئي وئي آهي!!!

آه! اِسلام ترے چاہنے والے نہ رہے
جِن کا تُو چاند تھا افسوس وہ ہالے نہ رہے

## ”مسجد ڀريو تحريڪ“ هلايو

پيارا اسلامي ڀائرو! مسجدن جي ويراني تي خوب دل جلايو، زور شور سان ”مسجد ڀريو تحريڪ“ هلايو، ۽ هڪ هڪ بي نمازي تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي نمازي بڻايو ۽ ائين پنهنجي مسجد جو تَحَفُّظ به فرمايو جو جيڪو گهر پنهنجي رهڻ واري سان آباد هجي ان تي ڪو قبضو نٿو ڪري سگهي، نه ته خالي گهر تي ڪو به قابض ٿي سگهي ٿو جيئن ته فارسي ۾ هڪ چوڻي آهي: خانهءخالي را ديو مي گِيرَد يعني ”خالي گهر تي جن ڀوت قبضو ڪري وٺندا آهن.“ بهرحال جيڪا مسجد نمازين سان آباد هوندي ان ڏانهن ناپاڪ ارادي سان اک کڻڻ کان پهريان دشمنِ اسلام 420 ڀيرا سوچيندو، هتي هڪ مسئلو ذهن نشين فرمايو ته جنهن جڳهه هڪ ڀيرو شرعي طور مسجد بڻجي وئي هاڻي اها قيامت تائين مسجد ئي رهندي. تحتَ الثَّري يعني (ستين زمين جي هيٺ) کان وٺي عرش مُعلّيٰ جيڪو ستين

آسمان کان متي آهي ان تائين ان جي سڄي فضا بہ مسجد آهي، هاڻي چاهي مَعَاذَاللّٰه ان تي روڊ تعمير ٿي وڃي يا مارڪيٽ ٺهائي وڃي اها جڳهہ قيامت تائين مسجد جي حڪم ۾ ئي رهندي ۽ ان جو احترام بہ برقرار رهندو، جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدِّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "تنويرُ الاَبصار ۽ دُرّمُختار" جي حوالي سان نقل فرمائن ٿا: وَلَوْ خَرِبَ مَا حَوْلَهٗ وَاسْتُغْنِيَ عَنْهُ يَبْقٰى مَسْجِداً عِنْدَ الْاِمَامِ وَالثَّانِيْ اَبَداً اِلٰى قِيَامِ السَّاعَةِ وَبِهٖ يُفْتٰى ۽ جيڪڏهن ان (يعني مسجد) جو آس پاس ويران ٿي ويو ۽ ان جي ضرورت نہ رهي تڏهن بہ مسجد باقي رهندي امام صاحب (يعني امام ابوحنيفہ) ۽ امام ثاني (يعني امام ابو يوسف) جي ويجهو هميشہ قيامت تائين ۽ انهيءَ تي فتويٰ آهي. (تنوير الابصار و درمختار ج 6 ص 550، فتاويٰ رضويه مخرجه ج 9 ص 471)

وقار الملت حضرت علامہ مولانا مفتي محمد وقار الدين قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "جنهن هنڌ هڪ ڀيرو مسجد ٺهجي ويندي آهي اها انهي طرح قيامت تائين مسجد ٿي ويندي آهي جو متي عرش تائين ۽ هيٺ تَحتَ الثَّري تائين مسجد آهي ان ۾ هڪ انچ (بہ) جڳهہ گهٽ نٿي ڪري سگهجي."

(وقار الفتاويٰ ج 2 ص 297)

کر مسجِدیں آباد تری قبر ہو آباد
فِردوس عطا کر کے خدا تجھ کو کرے شاد

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## انفرادي ڪوشش جي برڪت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلِلّٰه دعوت اسلامي مسجدون آباد ڪندي آهي، اوهان به مسجد آباد ڪري پنهنجي دل کي شاد ڪرڻ، پنج وقت مسجد ۾ حاضر ٿي ڪري پنهنجي ربَّ ڪي ياد ڪرڻ، عشق رسول سان پنهنجي دل جي ويران بستي کي آباد ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته رهو، خوب خوب مدني قافلن ۾ سنتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي روزانو نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪيو ۽ هر مهيني جي پهرين تاريخ جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي دعوت اسلامي جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو، اچو! اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: ڪراچي جي مقيم هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي: مان گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هيس پنهنجي زندگي جا ”انمول هيرا“ غفلت ۾ گذري رهيا هئا، رات دير تائين دوستن سان کِل ڀوڳ ۾ مصروف رهڻ منهنجو معمول هو، 18 رَمَضانُ المُبَارک

1429ھ بمطابق 19 سيپٽمبر 2008 تي معمول مطابق اسان ملي ڪري مذاق مسخري ۾ مشغول هئاسين ۽ ان جي ڪري مجلس ۾ ٺهڪن جو شور هو، ان دوران دعوت اسلامي سان وابسته هڪ عاشق رسول اسان وٽ تشريف وٺي آيو ان سلام ڪيو ۽ ويهي رهيو، ان جي اچڻ ڪري اسان جي محفل ۾ ڪجهه سنجيدگي اچي وئي، ان اسان کي نهايت بهترين مدني گلن سان نوازيو، ان جي سهڻي آواز ۽ مدني انداز سان اسان کي ايترو ته سُرور مليو جو اسان ان جي مٺن ٻولن ۾ گم ٿي وياسين، ڪجهه دير کان پوءِ اهو وڃڻ لڳو ته اسان عرض ڪيو: ڀاءُ! وڌيڪ ڪجهه دير تشريف رکو! ۽ اسان کي سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌايو، نيڪي جي دعوت جو جذبو رکڻ واري اسلامي ڀاءَ اسان جي درخواست قبول فرمائي، گفتگو جي دوران فڪرِ آخرت ۽ اصلاح امت جو موضوع زير بحث رهيو، ان عاشق رسول جي پُر اثر انفرادي ڪوشش اسان جي دلين تي اثر ڪيو، ٻي رات اسان ٻيهر ان جڳهه محفل سجائي ان اسلامي ڀاءَ جي انتظار ۾ ويهي رهياسين ته اميد مطابق هُو تشريف کڻي آيو ۽ اسان کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه هلڻ جي دعوت پيش ڪئي، ان جو ڪردار ۽ گفتار ڏسي ڪري گهٽ ۾ گهٽ مان ته انڪار نه ڪري سگهيس ۽ ان سان گڏ فيضان مدينه جي پاڪيزه فضائن ۾ پهچي ويس، خوفِ خدا ۽

عشق مصطفيٰ جو جذبو دل ۾ جاڳائڻ واري روح پَروَر ديني ماحول منهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ ائين ان عاشق رسول جي ”انفرادي ڪوشش“ جي برڪت سان مون کي دعوت اسلامي جو ديني ماحول نصيب ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محدث اعظم پاڪستان جي انفرادي ڪوشش

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش جا ڪيڏا زبردست نتيجا نڪرندا آهن! سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جو پنهنجو تجربو اِهو ئي آهي تہ اجتماعي طور ٿيڻ وارا بيان ڪيترائي ڀيرا ٻڌڻ باوجود جن ۾ تبديلي ناهي ايندي، ٿوري انفرادي ڪوشش انهن کي تبديل ڪري ڇڏيندي آهي، نيڪي جي دعوت جي ديني ڪم ۾ انفرادي ڪوشش جو هڪ منفرد مقام آهي، انبياء ڪرام عليهم السّلام تبليغ دين جون جتي اجتماعي ڪوششون فرمائيون آهن اتي انفرادي ڪوشش بہ ڪئي آهي، ۽ هڪ هڪ وٽ وڃي ڪري انهن کي اسلام جو پيغام ڏنو آهي، بزرگان دين رحمۃ اللّٰہ عليهم بہ نيڪي جي دعوت جي لاءِ خوب انفرادي ڪوششون فرمايون آهن، جيئن مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا سردار احمد رحمۃ اللہ عليہ مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ هئا، ان دوران پاڻ رحمۃ اللہ عليہ کان ٿي نوجوان بيعت ٿيا، پاڻ رحمۃ اللہ عليہ انهن کي مَسلڪِ اهلسنت تي قائم رهڻ، ان جي تبليغ ڪرڻ،

پنج ئي نمازون پابندي سان پڙهڻ جي تلقين فرمائي پوءِ انهن کي ڏاڙهي رکڻ ۾ ميون ڪٽڻ جو نهايت پياري انداز سان حڪم ڏنو ۽ فرمايو تہ جيئن وِتر نماز کي واجب سمجهو ٿا ائين ڏاڙهي وڌائڻ بہ واجب سمجهو، هڪ مٺ ڏاڙهي رکڻ واجب آهي، ان جو خلاف ڪرڻ يعني گهٽ ڪرڻ تي گناهہ ۽ عذاب ٿيندو، حضرت مُحَدِّثِ اعظم رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي پياري تلقين جو انهن تي گهرو اثر ٿيو انهن ڏاڙهي رکي ورتي، هاڻي اهي بِحمدہٖ تعالى شريعت جا پابند ۽ وڏي وجاهت (يعني عزت) رکن ٿا.
(حيات محدث اعظم ص 89)

سرکار کا عاشِق بھی کیا داڑھی مُنڈاتا ہے!
کیوں عشق کا چہرے سے اظہار نہیں ہوتا (وسائلِ بخشش ص ۲۳۴)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ / خليفہء امير اهلسنت الحاج ابو أُسَيد عُبَيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءَالله الكريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهل سنت/ خليفہء امير اهلسنت جي دعائن مان حصو ماڻيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)


978-969-722-634-4

01082480



فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net